

# شبِ قدر

## جي باري ۾ معلومات

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: شب قدر جي باري ۾ معلومات

چاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1443هه اَپريل 2022ع

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# شب قدر جي باري ۾ معلومات

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست



| | |
|---|---|
| شب قدر جي باري ۾ معلومات | 1 |
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| ليلة القدر کي ”ليلة القدر“ چو تا چوَن | 1 |
| 83 سال 4 مهينن کان وڌيڪ عبادت جو ثواب | 2 |
| هزار مهينن کان بهتر هڪ رات | 3 |
| اسان جون حياتيون تہ تمام ٿوريون آهن | 4 |
| باڪرامت شمعون جي ايمان آفروز حڪايت | 5 |
| افسوس ! اسان کي قدر ڪٿي آهي ؟ | 7 |
| نيڪ اعمال جي ڪارڊ جي برڪت | 7 |
| نيڪ اعمال تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ بشارت عظميٰ | 9 |
| تمام ڀلائين کان محروم ڪير آهي ؟ | 9 |
| سائو جَهنڊو | 10 |
| جهيڙي جو جنجال | 11 |
| اسين تہ شريف سان شريف ۾.... | 12 |
| مهاجر جي تعريف مسلمان مومن ۾ | 13 |
| ناقابل برداشت خارش | 14 |
| تڪليف دور ڪرڻ جو ثواب | 14 |
| وڏو ٺوٺ آهي تہ نفس سان وڙهو | 14 |
| پيارا آقا مُسڪرائيندا رهيا | 15 |

| | |
|---|---|
| جــــادوگر جــو جــادو نــاڪام | 16 |
| شبِ قدر جون علامتون | 16 |
| شبّ قدر جي پوشيدگي جي حڪمت | 17 |
| سمنڊ جو پاڻي مٺو لڳو(حڪايت) | 17 |
| اسان کي نشانيون ڇو نظر ناهن اينديون؟ | 17 |
| اِڪي راتين ۾ ڳـولـهـيـو | 18 |
| آخري ستن راتين ۾ تــلاش ڪـــريـــو | 18 |
| لــيــلــة الــقدر پوشيده ڇو؟ | 19 |
| حڪمتن جا مدني گل | 20 |
| سال ۾ ڪا به رات شبِ قـدر ٿـئي سگھي ٿـي | 21 |
| رحــمــتِ ڪونين ﷺ جي شيخين سميت جلوه گري | 22 |
| امام اعظم، امام شافعي ۽ صاحبين رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جا قول | 24 |
| شبِ قدر بدلجندي رهـندي آهـي | 24 |
| شيخ ابوالحسن شاذلي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ ۽ شبِ قدر | 25 |
| ستاويهين رات شبِ قدر | 25 |
| جڏ شبّ قدر حاصل ڪري ورتي | 26 |
| شبِ قدر جي دعا | 27 |
| شبِ قدر جا نوافل | 28 |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# شب قدر جي باري ۾ معلومات

(هي مضمون ڪتاب”فيضانِ رمضان“ صفحي 181 کان 202 مان ورتو ويو آهي)

## دعاءِ عطار:

ياالله ربَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”شبّ قدر جي باري ۾ معلومات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي شبّ قدر جي برڪتن؛ سان مالامال فرمائي ڪري بي حساب مغفرت کان نواز .

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : ”جنهن مون تي ڏينهن ۾ هڪ هزار پيرا درود پاڪ پڙهيو، اهو مرندو نه جيستائين جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو نه ڏسي وٺي. (الترغيب و الترهيب، 328/2، حديث: 22)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ليلة القدر کي ”ليلة القدر“ چوڻ جو سبب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** لَيۡلَةُ القدر انتهائي برڪت واري رات آهي ان کي ”ليلة القدر“ انهيءَ ڪري چوندا آهن جو انهيءَ ۾ سڄي سال جا احڪام نافذ ڪيا ويندا آهن ۽ ملائڪن کي سڄي سال جي ڪمن ۽ خدمتن تي مامور ڪيو ويندو آهي ۽ اهو به چيو ويو آهي ته هن رات جي ٻين راتين تي شرافت ۽ قدر جي باعث اُن کي ليلة القدر چئجي ٿو ۽ اِهو به منقول آهي ته چوته هن رات ۾ نيڪ اعمال

مقبول ٿيندا آهن ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ ان جي قدر ڪئي ويندي آهي ان ڪري هن کي ليلة القدر چئجي ٿو. (تفسيرِ خازن جلد 4 ص473) ٻيون بہ ڪوڙ عظمتون هن مبارڪ رات کي حاصل آهن.

**بُخاري** شريف ۾ آهي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن ليلة القدر ۾ ايمان ۽ **اخلاص** سان قيام ڪيو(يعني نماز پڙهي) تہ ان جا سڀ عمر جا پويان (صغيره) گناهہ مُعاف ڪيا ويندا.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 660 حديث 2014)

## 83 سال 4 مهينن کان وڌيڪ عبادت جو ثواب

هن مقدس رات کي هرگز هرگز غفلت ۾ نہ گذارڻ گهرجي. **هن رات ۾ عبادت ڪرڻ واري کي هڪ هزار مهينن يعني ٽياسي (83) سال چار مهينن کان بہ وڌيڪ عبادت جو ثواب عطا ڪيو ويندو آهي.** ۽ هن ”وڌيڪ“ جو علم **الله پاڪ** کي **ٿو** ڄاڻي يا ان جي ٻُڌائڻ سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿا ڄاڻن تہ ڪيترو آهي. هن رات ۾ حضرتِ سيّدُنا جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) ۽ فرشتا نازل ٿيندا آهن ۽ پوءِ عبادت ڪرڻ وارن سان مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن. هن مبارڪ رات جي هر هڪ گهڙي سلامتي ئي سلامتي آهي ۽ هيءُ سلامتي صبح صادق تائين برقرار رهندي آهي. هي الله پاڪ جو خاص الخاص ڪرم آهي تہ هيءُ عظيم رات رُڳو پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ۽ سندن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي عطا ڪئي وئي آهي. الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّآ أَنزَلْنَٰهُ فِى لَيْلَةِ ٱلْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا لَيْلَةُ ٱلْقَدْرِ ﴿٢﴾ لَيْلَةُ ٱلْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ ٱلْمَلَٰٓئِكَةُ وَٱلرُّوحُ فِيهَا بِإِذْنِ رَبِّهِم مِّن كُلِّ أَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلَٰمٌ هِىَ حَتَّىٰ مَطْلَعِ ٱلْفَجْرِ ﴿٥﴾ (پ 30 سورة القدر)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اسان ان کي شبِ قدر ۾ لاٿو ۽ توکي ڪهڙي خبر شبِ قدر ڇا آهي؟ شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي ان ۾ ملائڪ ۽ جبريل لهندا آهن پنهنجي ربّ جي حڪم سان، هر ڪم جي واسطي، اها سلامتي آهي صبح چمڪڻ تائين .

مفسّرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه انهيءَ سوره ۽ قدر جي ضمن ۾ فرمائن ٿا، ”هن رات ۾ الله پاڪ قرآن مجيد کي لوح محفوظ کان آسمانِ دنيا تي نازل فرمايو ۽ پوءِ تقريبًا ٽيويهه ورهين جي عرصي ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ان کي وقفي وقفي سان نازل ڪيو .“ (تفسير صاوى ، 2398/6) رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ منهنجي اُمّت کي شبّ قدر عطا ڪئي ۽ اها رات توهان کان پهريان ڪنهن اُمّت کي عطا ناهي فرمائي.
(مسند الفردوس، 173/1، حديث: 647)

## هزار مهينن کان بهتر هڪ رات

حضرت امام مجاهد رَحِمَهُ اللّٰه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ شخص سڄي رات عبادت ڪندو ۽ سڄو ڏينهن جهاد ۾ مصروف رهندو هو ۽ اهڙي طرح اُن هزار مهينا گذاريا هئا، تہ الله پاڪ هي آيتِ مبارڪ نازل فرمائي:

**لَيْلَةُ ٱلْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ ترجمو ڪنزالايمان: شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي.**

يعني شبّ قدر جو قيام ان عابد (عبادت گذار) جي هڪ هزار مهينن جي ڪان بهتر آهي. (تفسير طبرى، 533/24)

## اسان جون حياتيون ته تـــمـــام ٿوريون آهن

۾ "تفسيرِ عزيزي" ۾ آهي: حضراتِ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جڏهن حضرت **شَمۡعُون** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي عبادتن ۽ جهاد ۽ تڪليفن ۽ مصيبتن جو تذڪرو ٻُڌو ته انهن کي **حضرت شَمۡعُون** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه تي وڏو رشڪ آيو ۽ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو، "يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ته تمام ٿوريون عمريون مليون آهن. ان مان به ڪجهه حصو ننڊ ۾ گذرندو آهي ۽ ڪجهه رزق جي ڳولا ۾، ڪجهه کائڻ پچائڻ ۾ ۽ ٻين دنياوي ڪمن ۾ به ڪجهه وقت گذرندو آهي تنهن ڪري اسان ته **حضرتِ شَمۡعُون** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه وانگر عبادت ڪري ئي نه سگهنداسين. ايئن بني اسرائيل اسان کان عبادت ۾ وڌي ويندا. "

**اُمَّت** جي غمخوار آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اهو ٻُڌو ته غمگين ٿي ويا. انهيءَ ئي وقت حضرتِ **جبريل امين** عَلَيۡهِ السَّلَام خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين **الله پاڪ** جي طرف کان **سورهءِ قدر** پيش ڪئي ۽ تسلي ڏني وئي ته **پيارا حبيب** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) غمگين نه ٿيو. توهان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي اسان هر سال ۾ هڪ اهڙي رات عطا فرمائي آهي جو **جيڪڏهن اهي انهيءَ رات ۾ منهنجي عبادت ڪندا ته حضرتِ شَمۡعُون** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه **جي هزار مهينن جي عبادت کان وڌي ويندا .** (ماخوذ از تفسير عزيزي ج 4 ص 434)

## باڪرامت شمعون جي ايمان اَفروز حڪايت

انهي حضرت شمعون رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي باري ۾ ”مُكَاشَفَةُ الْقُلُوب“ ۾ هڪ نهايت **ايمان اَفروز واقعو** بيان ڪيو ويو آهي، هن جو مضمون ڪجهه هن طرح آهي: بني اسرائيل جي هڪ بزرگ **حضرت شَمۡعُون** رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هزار (1000) مهينا اهڙي طرح عبادت ڪئي جو رات جو قيام ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ سان گڏوگڏ **الله پاڪ** جي راهه ۾ ڪافرن سان جهاد به ڪندا هئا. اهي ايتريقدر **طاقتور** هئا جو لوهه جي وزني ۽ مضبوط **زنجيرن** کي پنهنجي هٿن سان ٽوڙي ڇڏيندا هئا.

**ڪفارِ** ناهنجار جڏهن ڏٺو ته **حضرتِ شَمۡعُون** رَحمَةُ اللهِ عَلَيه تي ڪا به اٽڪل ڪارائتي نه ٿي ٿئي ته گڏيل مشوري ڪان پوءِ گهڻي مال ۽ دولت جي لالچ ڏيئي سندن گهرواريءَ کي انهيءَ ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته اها ڪنهن رات ننڊ جي حالت ۾ ڏسي ته ڪين نهايت ئي **مضبوط رسين** سان چڱيءَ طرح ٻَڌي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي. پوءِ **بي وفا گهرواريءَ** ائين ئي ڪيو. جڏهن پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه سُجاڳ ٿيا ۽ پاڻ کي **رسين** سان ٻَڌل ڏٺائون ته جلدي پنهنجي عضون کي حرڪت ڏنائون. ڏسندي ئي ڏسندي رسيون ٽُٽي پيون ۽ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه آزاد ٿي ويا. پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کان پُڇا ڪيائون ته، ”مون کي ڪنهن ٻڌي ڇڏيو هو؟ **بي وفا گهرواريءَ** وفاداري جي نقلي ادائن سان ڪوڙ هٽندي چيئي ڏنو، مان ته توهان جي طاقت جو اندازو ڪرڻ جي لاءِ ائين ڪيو هو. ڳالهه ٽري ويئي. **بي وفا گهرواري** انهيءَ ڳالهه جي تاڙ ۾ رهي. هڪ ڀيرو وري ننڊ جو غلبو ٿيو ته ان ظالمه نهايت ئي

چالاڪيءَ سان پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه کي **لوهي زنجيرن** ۾ چڳيءَ طرح جڪڙي ڇڏيو. جيئن ئي سندن اک کلي ته پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هڪ ئي جهٽڪي ۾ **زنجير** جي هڪ هڪ ڪڙي کي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ آسانيءَ سان آزاد ٿي ويا. گهرواري اهو ڏسي حيران ٿي وئي پر وري دغابازيءَ کان ڪم وٺندي اها ئي ڳالهه دهرايائين مان ته توهان (رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه) کي آزمائي رهي هيس. گفتگوءَ جي دؤران (حضرت) **شمعون** (رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه) پنهنجي گهرواريءَ جي آڏو پنهنجو راز ظاهر ڪندي فرمايو: مون تي **الله پاڪ** جو وڏو ڪرم آهي ان مون کي پنهنجي ولايت جو شرف عنايت فرمايو آهي. مون تي دنيا جي ڪا شيءِ اثر نٿي ڪري سگهي پر ها، "**منهنجي مٿي جا وار**" چالاڪ عورت سڄي ڳالهه سمجهي ويئي.

**افسوس!** ان کي دنيا جي محبت انڌو ڪري ڇڏيو هو. آخرڪار هڪ ڀيري موقعو ڏسي ان پاڻ (رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه) کي سندن ئي جي اُنهن **اٺن زلفن** سان ٻڌي ڇڏيو جن جي ڊيگهه زمين تائين هئي. (هي اڳئين امت جا بزرگ هئا. اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جي سنّت وڌ کان وڌ ڪلهن تائين آهي، مردن کي ڪلهن کان هيٺ وار وڌائڻ حرام آهي) پاڻ اڪ ڪُلڻ تي وڏو زور لڳايائون پر آزاد نه ٿي سگهيا. دنيا جي دولت جي لالچ ۾ بدمست بي وفا عورت پنهنجي نيڪ ۽ پرهيزگار مڙس کي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

**ڪُفّارِ** بدِ اطوار **حضرت شَمۡعُون** (رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه) **کي هڪ ٿنڀي سان ٻڌي ڇڏيو ۽ انتهائي بي درديءَ ۽ بي رحميءَ سان سندن نڪ، ڪن**

**ڪٿي ڇڏيا ۽ اڪيون ٻه ڪدي ڇڏيون.** پنهنجي وليءَ ڪامل جي بيڪسيءَ تي **ربُّ الۡعزّت** جي غيرت کي جوش آيو. قهرِ قهار و غضبِ جبار **جل جلاله** ظالم ڪافرن کي زمين جي اندر دٻائي ڇڏيو ۽ دنيا جي لالچ ۾ اچي بي وفائي ڪرڻ واري **بدنصيب گهرواريءَ** تي قهرِ خُداوندي جي ڪِنوڻ ڪِري ۽ اها به سڙي خاڪ ٿي ويئي.

(مڪاشفة القلوب ص 306)

## افسوس! اسان کي قدر ڪٿي آهي؟

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت تي ڪيتري قدر مهربان آهي ۽ ان اسان تي ڪيتريقدر عظيم الشّان احسان فرمايو جو جيڪڏهن **شبِ قدر** ۾ عبادت ڪريون ته **هڪ هزار مهينن** کان به وڌيڪ جي عبادت جو ثواب ماڻيون. پر **افسوس!** اسان کي شبِ قدر جو قدر ڪٿي! هڪ صحابهءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان به ته هئا جو انهن جي حسرت تي اسان سيني کي ايڏو وڏو **انعام** بغير ڪنهن خواهش جي ملي ويو. انهن ته هن جو قدر به ڪيو پر اسان ناقدرن کي ته عبادت لاءِ واندڪائي به ناهي ملندي. **افسوس!** هر سال ملڻ واري هن عظيم الشّان **انعام** کي اسان غفلت جي نذر ڪري ڇڏيندا آهيون.

## نيڪ اعمال جي ڪارڊ جي برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي دل ۾ عظمت وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان هر دم وابسته رهو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! سنّتن ڀريئي زندگي گذارڻ جي لاءِ

عبادات ۽ اخلاقيات جي متعلق اسلامي ڀائرن لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ۽ علمِ دين جي شاگردن لاءِ 92، ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83، ۽ مدني منّن ۽ مدني منّين جي لاءِ 40، **نيڪ اعمال** سوالن جي صورت ۾ مرتب ڪيا ويا آهن، **جائزو وٺڻ** (يعني پنهنجي عملن جو محاسبو) ڪندي روزانو **نيڪ اعمال جو ڪارڊ** ڀري ڪري دعوتِ اسلامي جي مقامي ذميدار وٽ هر مدني مهيني يعني اسلامي مهيني جي شروعاتي 10 تاريخ جي اندر اندر جمع ڪرائڻو هوندو آهي. نيڪ اعمال نہ ڄاڻ ڪيترن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو آهي. ان جي هڪ جهلڪ ملاحظ فرمايو، جيئن تہ نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح جو بيان آهي: علائقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي **دعوتِ اسلامي** سان وابستہ آهن انهن **انفرادي ڪوشش** ڪندي منهنجي وڏي ڀاءُ کي **نيڪ اعمال** جو هڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو هو گهر ڪٽي آيا ۽ پڙهيائون تہ حيران رهجي ويا تہ هن مختصر ڪارڊ ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايڏو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي! **نيڪ اعمال جو ڪارڊ** ملڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه! کين **نماز** جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگيءَ لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هينئر پنج وقتہ **نمازي** بڻجي چُڪا آهن، **ڏاڙهي مبارڪ** بہ سجائي ورتائون ۽ **نيڪ اعمال** جو ڪارڊ بہ ڀريندا آهن.

مدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

## نيڪ اعمال تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ بشارت عظميٰ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ اعمال جو رسالو پرڻ وارا ڪيتري قدر خوش قسمت هوندا آهن اُن جو اندازو هن مدني بهار مان لڳائي سگهجي ٿو، جيئن ته حيدرآباد(سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته رجب المرجب 1426 ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ لبن کي جنبش ٿئي ۽ رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا، الفاظ ڪجهه هن طرح مرتب ٿيا: جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي متعلق فڪر مدينه[1] ڪندو، الله پاڪ اُن جي مغفرت فرمائيندو.

مدنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے　　قربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

**پياريون پياريون اسلامي ڀائرو!** هي رات هر طرح سان خيريت ۽ سلامتي جي ضامن آهي. هي رات اوّل کان آخر رحمت ئي رحمت آهي. مُفسّرين ڪرام فرمائن ٿا: ”هي رات نانگ وڇون، آفتن ۽ مصيبتن ۽ شيطانن کان به محفوظ آهي، هن رات ۾ سلامتي ئي سلامتي آهي.

## تمام ڀلائين کان محروم ڪير آهي؟

**حضرتِ** انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، هڪ ڀيري جڏهن ماهِ رمضان تشريف فرما ٿيو ته سلطانِ دوجهان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان وٽ هڪ مهينو آيو

[1] هاڻي تنظيمي طور تي مدني انعامات کي ”نيڪ اعمال“ ۽ فڪر مدينه کي ”جائزو“ چيو ويندو آهي.

آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي بہ آهي جيڪا **هزار مهينن** کان افضل آهي جيڪو شخص ان رات کان محروم رهجي ويو، ڄڻ سڄي جي سڄي ڀلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ ان جي ڀلائي کان محروم ناهي رهندو پر اهو شخص جيڪو **حقيقت** ۾ محروم آهي.

(سنّن ابن ماجه ج 2 ص 298 حديث 1644)

## سائو جَهندو

**هڪ فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حصو آهي: "**جڏهن شبِ قدر** ايندي آهي تہ الله پاڪ جي حڪم سان (حضرت) **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام هڪ سائو **جهندو** کڻي فرشتن جي تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نُزول فرمائيندا آهن (۽ هڪ روايت جي مطابق:)" انهن ملائڪن جي تعداد زمين جي ڪنڪرين کان بہ وڌيڪ هوندي آهي" ۽ اهي سائو جهندو ڪعبهءِ معظمه تي ڦڙڪائيندا آهن. (حضرتِ) جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جا سؤ پر آهن جن مان بہ **پر** صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوڀر ۽ اولهہ ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ (حضرتِ) **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن کي حڪم ڏيندا آهن تہ جيڪو بہ مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذڪر ۾ مشغول آهي ان سان **سلام** ۽ **مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ ان جي دعائن تي آمين بہ چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي. صبح ٿيڻ تي (حضرتِ) **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن کي واپسيءَ جو حڪم صادر فرمائيندا آهن. ملائڪ عرض ڪندا آهن اي **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام **الله پاڪ** پنهنجي **پياري حبيب** صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **امتِ محمديہ** جي حاجتن جي باري ۾ ڇا معاملو ڪيو؟ (حضرتِ) **جبريل** عَلَيْهِ

السَّلَام فرمائيندا آهن، **الله پاڪ** انهن ماڻهن تي خصوصي ڪرم جي نظر فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ سيني ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو،"يارسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ ارشاد فرمايائون (1) هڪ ته شراب جا عادي (2) بيا ماءُ پيءُ جا نافرمان (3) ٽيان قطعِ رِحمي ڪرڻ وارا. (يعني رشتيدارن کان تعلقات ٽوڙڻ وارا) ۽ (4) چوٿان اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ وير ۽ ڪِينو رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ قطع تعلق ڪرڻ وارا." (شعب الايمان ج 3 ص 336 حديث3695)

## جهيڙي جو جنجال

**حضرتِ عُباده بن صامِت** رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته پياراپيارا آقا مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف کڻي آيا ته جيئن اسان کي شبِ قدر جي باري ۾ ٻُڌائين (ته ڪهڙي رات ۾ آهي) ٻه مسلمان پاڻ ۾ **جهيڙو ڪري** رهيا هئا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون:"مان ان لاءِ آيو هئس ته توهان کي شبِ قدر ٻُڌايان پر فلاڻا فلاڻا شخص **جهيڙو** ڪري رهيا هئا ان ڪري هن جو تَعَيُّن کنيو ويو ۽ ممڪن آهي ته انهيءَ ۾ توهان جي بهتري هجي. هاڻي ان کي (آخري ڏهاڪي جي) **نائين**، **ستين** ۽ **پنجين** راتين ۾ ڳوليو. "
(صحيح بخاري ج 1 ص 663 حديث 2023)

مشهور مفسر حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد "مرأة" جلد 3 صفحه 210 تي هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني منهنجي علم سان ان جو تقرر پري ڪيو ويو ۽ مون کي وساري وئي، اهو مطلب ناهي ته پاڻ شبّ قدر ئي ختم ڪري ڇڏي هاڻي اها ٿيندي ئي

ڪونہ. معلوم ٿيو تہ دنياوي جهڙا منحوس هوندا آهن انهن جو جنجال تمام گهڻو آهي انهن جي ڪري الله پاڪ جي آنديل رحمتون رڪجي وينديون آهن.

## اسين تہ شريف سان شريف ءِ....

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جو پاڻ ۾ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ رحمت کان ڪيتريقدر دوريءَ جو سبب بڻجي ويندو آهي.** پر افسوس! هاڻي ڪير ڪنهن کي سمجهائي؟اڄ تہ وڏي فخر سان چيو پيو وڃي تہ ”ميان هن دنيا ۾ شريف رهي ڪري تہ گذارو ئي نٿو ٿئي، اسان تہ شريف سان شريف ءِ بدمعاشن سان بدمعاش آهيون! “رڳو هن چوڻيءَ تي ئي گذارو ناهي. هاڻي تہ معمولي ڳالهہ تي ڦريان زبان درازي (گارگند) پوءِ دست اندازي (ويڙهہ) ان کان پوءِ چاقو بازي بلڪ گوليون پڻ هلي وينديون آهن. **افسوس!** اڄڪلهہ مسلمان ڪڏهن **پٺاڻ** بڻجي ڪڏهن **پنجابي** سڏائي، ڪڏهن **مهاجر** تي ڪري، ڪڏهن **سنڌي** ءِ **بلوچ** قوميت جو نعرو لڳائي ڪري هڪٻئي کي قتل ڪري رهيا آهن. هڪٻئي جي مال ءِ ملڪيت کي باهيون لڳائي رهيا آهن. پاڻ ۾ هڪٻئي جي خلاف رُڳو نسلي ءِ لساني (يعني ٻوليءَ جي) فرق جي بنياد تي محاذ آرائي ٿي رهي آهي. مسلمانو! توهان تہ هڪ ٻئي جا محافظ هئا. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان تہ هي آهي تہ”مؤمنن جو مثال هڪ جسم جيان آهي جو جيڪڏهن هڪ عضوي کي تڪليف پهچي تہ سڄو جسم ان تڪليف کي محسوس ڪندو آهي.“ (صحيح بخاري ج 4 ص 103 حديث 6011)

هڪ شاعر ڪيڏي نه پياري انداز ۾ سمجهايو آهي.

مُبتلائے دَرد کوئی عُضو ہو روتی ہے آنکھ

کِس قدَر ہمدرد سارے جِسم کی ہوتی ہے آنکھ

**پيارا پيارا** اسلامي ڀائرو! اسان کي پاڻ ۾ لڙائي جهيڙو ڪرڻ بدران هڪٻئي جي همدردي ۽ غمگساري ڪرڻ گهرجي. مسلمان هڪٻئي کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ لُٽڻ وارو ناهي هوندو.

## مسلمان مومن ۽ مهاجر جي تعريف

**حضرت** فُضاله بن عُبيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **حجة الوداع** جي موقعي تي ارشاد فرمايو: ”ڇا توهان کي **مؤمن** جي باري ۾ خبر نه ڏيان؟ پوءِ ارشاد فرمايائون: ”**مُؤمن** اهو آهي جنهن کان ٻيا مسلمان پنهنجي جان ۽ پنهنجي مال کان بي خوف هجن ۽ **مسلمان** اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن ۽ **مجاهد** اهو آهي جنهن **الله** پاڪ جي فرمانبرداريءَ جي مُعاملي ۾ پنهنجي نفس سان **جهاد** ڪيو ۽ **مهاجر** اهو آهي جنهن خطا ۽ گناهن کان عليحدگي اختيار ڪئي. المستدرك للحاكم ج 1 ص 158 حديث 24) ۽ ارشاد فرمايائون ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي ته اهو ڪنهن ٻئي مسلمان جي طرف اک سان اهڙي طرح اشارو ڪري جنهن سان تڪليف پهچي. (اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 177) هڪ مقام تي ارشاد فرمايائون: ڪنهن مسلمان کي جائز ناهي ته اهو ڪنهن مُسلمان کي خوفزده ڪري. (ابو داود، 391/4، حديث: 5004)

طريقِ مصطفےٰ کو چھوڑنا ہے وجہِ بربادی
اِسی سے قوم دنیا میں ہوئی بے اقتدار اپنی

## ناقابل برداشت خارش

**حضرتِ مجاهد** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: الله پاڪ ڪجهه دوزخين کي اهڙي خارش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو جو ڪنهي ڪنهي انهن جون کلون لهي پونديون ايستائين جو انهن مان ڪنهن جون هڏيون ظاهر ٿي وينديون. پوءِ ڪين پُڪار بُڌڻ ۾ ايندي تہ: اي فلاڻا! ڇا هن سان تڪليف ٿي رهي آهي؟ اهو چوندو: هائو. تڏهن ڪين ٻُڌايو ويندو: "دنيا ۾ جيڪو توهان مسلمانن کي ستائيندا هُيؤ هي ان جي سزا آهي." (اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 175)

## تڪليف دورڪرڻ جو ثواب

**حضورِ اڪرم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:"مون هڪ شخص کي **جنّت** ۾ گهمندي ڏٺو جو جيڏانهن چاهي هليو پيو وڃي. رانڪري جو ان هن دنيا ۾ هڪ وڻ رستي تان انهيءَ ڪري ڪَٽيو هو جيڪو مسلمانن کي واٽ ويندي تڪليف ڏيندو هو.

(صحيح مسلم ص 1410حديث 1914)

## وڙهڻو آهي تہ نفس سان وڙهو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هنن احاديثِ مبارڪ مان درس حاصل ڪريو ۽ پاڻ ۾ **جهيڙو جهڳڙو** ۽ ڦرمار کان پرهيز ڪريو. جيڪڏهن وڙهڻو آهي تہ مردود شيطان سان وڙهو، **نفسِ اماره** سان جهيڙو ڪريو. جهاد جي وقت دين جي دشمنن سان جنگ ڪريو. پر پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ بڻجي رهو.

فرد قائم ربطِ ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرونِ دریا کچھ نہیں

# پيارا آقا مُسڪرائيندا رهيا

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ڪنهن بہ قسم جو لساني ۽ قومي اختلاف ناهي، هر زبان ڳالهائڻ وارو ۽ هر برادري سان تعلق رکڻ وارو عربي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم ۾ پناهہ ورتو وينو آهي. توهان بہ هر دم **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان وابستہ رهو ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معمور زندگي گذارڻ جي لاءِ پاڻ کي **نيڪ اعمال** جي ڏنل طريقي سان سنواري ڇڏيو. ترغيب جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ خوشبودار **مدني بهار** توهان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن تہ 5 فيبروري 2005ء ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي ۾ **مدني قافله ڪورس** ڪرڻ لاءِ آيل **راولپنڊي** جي هڪ مبلغ جيڪو ڪجهه حلفيه لکي ڪري ڏنو، ان جو خلاصو آهي تہ آءُ **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه** ۾ سُتو پيو هئس، اکيون تہ ڇا بند ٿيون اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دل جون اکيون کُلي ويون، خواب جي عالم ۾ ڏٺم تہ **سرڪارِ رسالت مآب** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ بلند چبوتري تي جلوه افروز آهن ويجهو ئي **نيڪ اعمال** جي رسالن جون ٻوريون رکيل آهن، سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **نيڪ اعمال** جي هڪ هڪ ڪارڊ کي مُرڪندي غور سان ملاحظہ فرمائي رهيا آهن. پوءِ منهنجي اک کُلي ويئي.

مَدَنی انعامات سے عطّارؔ ہم کو پیار ہے
ان شاء اللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جادوگر جو جادو ناڪام

**حضرتِ** علامہ اسماعيل حقي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ نقل فرمائن ٿا: هيءَ رات آفتن کان سلامتيءَ واري رات آهي جوتہ هن ۾ رحمت ۽ ڀلائي ئي زمين تي لهندي آهي. ۽ نہ هن ۾ شيطان بُرائي ڪرائڻ جي طاقت رکي ٿو ۽ نہ جادوگر جو **جادو** هن ۾ هلندو آهي (روح البيان ج 10 ص 485)

## شبِ قدر جون علامتون

**حضرتِ** عُباده بن صامِت رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ شبِ قدر جي باري ۾ سوال ڪيو تہ سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**شبِ قدر** رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اڪي راتين** يعني ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين يا اٺتيهين رات ۾ تلاش ڪيو. تہ جيڪو بہ ايمان سان ثواب جي نيّت خاطر هن مبارڪ رات ۾ عبادت ڪري. ان جا سيئي گذريل گناهہ بخشيا ويندا آهن. ان جي علامتن مان هي بہ آهي تہ اها مبارڪ رات کُليل، روشن ۽ بلڪل صاف و شفاف هوندي آهي. هن ۾ نہ گهڻي گرمي ٿيندي آهي نہ گهڻو سيءُ بلڪ هيءَ رات مُعتَدِل (وچٿري) هوندي آهي. مطلب تہ هن ۾ چند کليل هوندو آهي. هن پوري رات ۾ شيطانن کي آسمان جا ستارا ناهن هنيا ويندا. وڌيڪ نشانين مان هي بہ آهي تہ هن رات جي گذرڻ کان پوءِ جيڪو صبح ايندو آهي ان ۾ سج بغير ڪرڻن جي اڀرندو آهي ۽ اهو ائين هوندو آهي جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ. الله پاڪ هن ڏينهن سج اڀرڻ سان گڏ شيطان کي نڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. (هن هڪ ڏينهن کان سواءِ هر ڏينهن سج سان گڏ شيطان بہ نڪرندو آهي) (مسند امام احمد،8/414،402،حديث:22829،22776)

## شبّ قدر جي پوشيدگي جي حڪمت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اِڪي راتين** مان يا آخري رات ۾ چاهي اها 30 هين رات هجي ڪا هڪ رات شبِ قدر آهي. هن رات کي ڳجهي رکڻ ۾ هزارين حڪمتون آهن. جن ۾ يقينًا هڪ حڪمت هيءَ به آهي ته مسلمان هر رات انهيءَ رات جي جُستجو ۾ هر رات اللّٰه پاڪ جي عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪن ته نه ڄاڻ ڪهڙي رات، شبِ قدر هجي.

## سمند جو پاڻي مٺو لڳو (حڪايت)

حضرت عثمان ابن ابي العاص رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي غلام اُن کي عرض ڪيو: ”اي آقا (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه)! مون کي ٻيڙو هلائيندي هڪ عرصو ٿئي چڪو آهي، مون سمند جي پاڻي ۾ هڪ اهڙي عجيب ڳالھ محسوس ڪئي آهي“ پڇيائون: ”اها عجيب ڳالھ ڪهڙي آهي؟ عرض ڪيائين: ”اي منهنجا آقا (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه)! هر سال هڪ اهڙي رات به ايندي آهي جو جنهن ۾ سمند جو پاڻي مٺو ٿئي ويندو آهي.“ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه غلام کي فرمايو: هن ڀيري خيال رکجو جيئن ئي رات ۾ پاڻي مٺو ٿئي ته مون کي اطلاع ڏجو.“ جڏهن رمضان جي ستاويهين رات آئي ته غلام آقا کي عرض ڪيو ته ”آقا! اڄ سمند جو پاڻي مٺو ٿي ويو آهي.“ (تفسیر عزیزی،3/285، تفسیر کبیر،11/230)

## اسان کي نشانيون ڇو نظر نه ٿيون اينديون؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي ڪيئي نشانين جو ذڪر گذريو.اسان جي ذهن ۾ هي سوال اڀري سگهي ٿو تہ اسان جي عمر جا ڪافي سال گذريا هر سال شبِ قدر ايندي رهندي آهي تہ ڇا سبب آهي جو اسان ڪي ڪڏهن بہ ان جون علامتون نظر نٿيون اچن؟ ان جي جواب ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله فرمائن ٿا: انهن ڳالهين جو علم هر هڪ کي نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ ان جو تعلق **ڪشف (ڳجهي ڄاڻ)** ۽ **ڪرامت** سان آهي ان ڪي تہ اهو ئي ڏسي سگهي ٿو جنهن کي بصيرت (يعني قلبي نظر) جي نعمت حاصل هجي. هر وقت گناهن جي نُحُوست ۾ مشغول رهڻ وارو گناهہ گار انسان هنن نظارن کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟

آنکھ والا ترے جوبن کا تماشہ دیکھے
دِیدہ کور کو کیا آئے نظر کیا دیکھے

## اِڪي راتين ۾ ڳوليو

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **شبِ قدر** کي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اڪي راتين** يعني ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين ۽ اٺتيهين راتين ۾ ڳوليو. (صحيح بخاري ج 1 ص 661 حديث 2017)

## آخري ستن راتين ۾ تلاش ڪريو

حضرتِ سيِّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا: نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪجهه اصحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي خواب ۾ آخري ستن راتين ۾ **شبِ قدر** ڏيکاري وئي. پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايو: ”مان ڏسان ٿو تہ توهان جا خواب آخري ستن راتين ۾ متفق ٿي ويا آهن. تنهنڪري ان جي تلاش ڪرڻ وارو ان کي **آخري ستن راتين** ۾ تلاش ڪري.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 660حديث 2015)

## ليلة القدر پوشيده ڇو؟

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي سنّتِ ڪريمه آهي تہ ان ڪجھ اهم ترين مُعاملن کي پنهنجي مشيّت جي مطابق ٻانهن تي پوشيده رکيو آهي جيئن تہ منقول آهي.” الله پاڪ پنهنجي **راضپي** کي نيڪين ۾، پنهنجي **ناراضگيءَ** کي گناهن ۾ ۽ پنهنجي اولياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ کي پنهنجي ٻانهن ۾ پوشيده رکيو آهي.“ (اخلاق الصالحين، ص56) هن جو خلاصو اِهو ئي آهي تہ ٻانهو ڪنهن بہ نيڪيءَ کي ننڍي سمجهي ڪري ڇڏي نہ ڏئي. ڇو تہ اهو نٿو ڄاڻي تہ الله پاڪ ڪهڙي نيڪي تي راضي ٿيندو. ٿي سگهي ٿو تہ جيڪا نيڪي ظاهر ۾ تمام ئي ننڍي نظر ايندي هجي ان سان الله پاڪ راضي ٿي وڃي. مثال طور قيامت جي ڏينهن هڪ گنهگار شخص رُڳو ان نيڪي جي عيوض بخشيو ويندو جو ان هڪ اُجاري ڪتي کي دنيا ۾ پاڻي پياريو هيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ناراضگيءَ کي گناهن ۾ پوشيده رکڻ جي حڪمت اهائي آهي تہ ٻانهو ڪنهن گناهہ کي ننڍو سمجهي ڪَرِي نہ ويهي. بلڪ هر گناهہ کان بچندو ئي رهي. ڇو تہ ٻانهو نہ ٿو ڄاڻي تہ الله پاڪ ڪهڙي گناهہ کان ناراض ٿي ويندو. تنهن ڪري هُو هر گناهہ کان پرهيز ئي ڪري. اهڙيءَ طرح اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ کي ٻانهن ۾ انهيءَ لاءِ پوشيده (ڳجهو) رکيو آهي جو انسان هر نيڪ مسلمان

جي رعايت ۾ تعظيم ڪري ۽ سوچي تہ ٿي سگهي ٿو جو ”هي“ وليُّ الله هجي. جڏهن اسين نيڪ ماڻهن جو ادب ۽ تعظيم ڪرڻ سکي وٺنداسين. بدگماني جي عادت ڪڍي ڇڏينداسين ۽ سڀني مسلمانن کي پاڻ کان سٺو سمجهڻ لڳنداسين تہ اسان جو مُعاشرو بہ صحيح ٿي ويندو ۽ ان شآءالله! اسان جي آخرت بہ سنورجي ويندي.

## حڪمتن جا مدني گل

**امام فخرالدين** رازي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ”تفسيرِ ڪبير“ ۾ فرمائن ٿا، الله پاڪ **شبِ قدر** کي ڪجهہ سببن جي بنياد تي پوشيده رکيو آهي. **پهريون** هي تہ جيئن ٻين شين کي ڳجهو رکيائين، مثال طور الله پاڪ پنهنجي **راضپي** کي اطاعتن ۾ پوشيده فرمايو تہ جيئن ٻانها هر اطاعت ۾ رغبت حاصل ڪن. پنهنجي **غضب(ناراضپي)** کي گناهن ۾ پوشيده فرمايائين تہ جيئن هر گناهہ کان بچندا رهن. پنهنجي **ولي** کي ماڻهن ۾ ڳجهو رکيائين تہ جيئن ماڻهو سڀني جي تعظيم ڪن، **دعا جي قبوليت** کي دعائن ۾ پوشيده رکيائين جيئن سڀني دعائن ۾ مبالغو (وڌاءُ) ڪن ۽ **اسمِ اعظم** کي اسماء (يعني نالن) ۾ پوشيده رکيائين تہ جيئن سڀني اسماء جي تعظيم ڪن ۽ **صلوٰة وسطیٰ** (وِچين نماز) کي نمازن ۾ پوشيده رکيائين (تہ) جيئن تمام نمازن تي محافظت ڪن ۽ **توبهہ جي قبوليّت** کي پوشيده رکيائين (تہ) جيئن مڪلف (ٻانهو) توبهہ جي سڀني قسمن تي هميشگي اختيار ڪري ۽ موت جو وقت پوشيده رکيائين جيئن **مڪلف** (ٻانهو) خوف ڪائيندو رهي. اهڙيءَ طرح **شبِ قدر** کي بہ پوشيده رکيو جيئن رمضان جي سڀني راتين جي تعظيم ڪن. **ٻيو** هي تہ جڻ الله پاڪ ارشاد فرمائي

ٿو،”جيڪڏهن مان شبِ قدر کي مقرر ڪري ڇڏيان ها ۽ هي ته مان گناهه تي تنهنجي جرات کي به ڄاڻان ٿو ته جيڪڏهن ڪڏهن به شهوت توکي هن رات ۾ معصيّت (يعني گناهن) جي ڪناري آڻي ڇڏي ها ۽ تون گناهه ۾ مبتلا ٿي وڃين ها ته تنهنجو هن رات کي ڄاڻڻ جي باوجود گناهه ڪرڻ لاعلمي سان گناهه ڪرڻ کان وڌيڪ سخت هجي ها. سو انهيءَ سبب جي ڪري مان هن کي پوشيده رکيو. ٺيڪ ائين ئي ته مون هن رات کي پوشيده رکيو ته جيئن مڪلف (ٻانهو) ان جي طلب ۾ محنت ڪري ۽ ان محنت جو ثواب ڪمائي. **چوٿون** هي ته جڏهن ٻانهي کي شبِ قدر جو يقين حاصل نه ٿيندو ته رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ الله پاڪ جي اطاعت ۾ ڪوشش ڪندو هن اميد تي ته ٿئي سگهي ٿو ته اها ئي رات شبِ قدر هجي

(تفسيرڪبير،29/11 ملخصا)

## سال ۾ ڪا به رات شبِ قدر ٿئي سگهي ٿي

شب قدر جي تعين (مقرر ٿيڻ) ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ جو تمام گهڻو اختلاف ڏٺو ويو آهي. **ڪجهه** بزرگن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ جي نزديڪ شبِ قدر سڄي سال ۾ ڦرندي رهي ٿئي مثلاً حضرت ابنِ مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو فرمان آهي شبِ قدر کي اهو ئي شخص ماڻي سگهي ٿو جيڪو سڄو سال ئي راتين ۾ **متوجهه** رهي. انهيءَ قول جي تائيد ڪندي امام العارفين حضرت شيخ محي الدين ابنِ عربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون شعبان المعظم جي پندرهين رات (يعني شبِ براءَت) ۽ هڪ ڀيرو شعبان المعظم جي ئي اڻويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماڻيو آهي ۽ پڻ رمضان المبارڪ جي تيرهين رات ۽ ارڙهين رات ۾ به ڏٺو ۽ مختلف سالن ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي

هراڪي رات ۾ ان ڪي حاصل ڪيو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ جيتوڻيڪ گهڻو ڪري **شبِ قدر** رمضان شريف ۾ ئي ڏٺي ويندي آهي تنهن هوندي بہ منهنجو تجربو تہ اهو ئي آهي تہ هي سڄو سال ڦرندي رهندي آهي يعني هر سال جي لاءِ ان جي ڪا هڪ ئي رات مخصوص ناهي. (اتحاف السادة، 392/4 ملخصا)

## رحمتِ ڪونين ﷺ جي شيخين سميت جلوه گري

اَلْحَمْدُ لِلّٰه **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي اعتڪاف جون خوب بهارون هونديون آهن، دنيا جي مختلف جڳهن تي اسلامي ڀائر مسجدن ۾ ۽ اسلامي ڀينرون ”مسجدِ بيت“ ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا ۽ خوب جلوا ماڻيندا آهن ترغيب جي لاءِ هڪ بهار توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. جيئن تہ تحصيل لياقت پور ضلع رحيم يار خان (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان فلمن جو ايڏو شوقين هوندو هئس جو پنهنجي ڳوٺ جي سي ڊيز جي دڪان جون تقريباً اڌ سي ڊيز ڏسي چُڪو هئس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون ڪي طلباني ڳوٺ جي **مدني مسجد** ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (1422هه، 2001ء) جي اعتڪاف جي سعادت نصيب ٿي وئي. دعوتِ اسلامي جي **عاشقان رسول** جي صحبت جي برڪتن جو ڇا چئجي! 27 رمضان المبارڪ جو اڻ وسرندڙ ايمان افروز واقعو تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو: سڄي رات سڄاڳ رهي ڪري مون خوب روئي روئي **سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان ديدار جي خيرات گهري. اَلْحَمْدُلِلّٰه ! صبح ٿيندي ئي مون تي خصوصي ڪرم جو دروازو کلي ويو، مون غنودگي جي

عالم ۾ پاڻ کي ڪنهن مسجد جي اندر موجود ڏٺو، ايتري ۾ ڪنهن اعلان ڪيو: ”**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تشريف ڪٺي ايندا ۽ نماز جي امامت فرمائيندا.**“ ڪجهه ئي دير ۾ رحمتِ ڪونين، سلطانِ دارين، ناناءِ حسنين اسان ڏکايل دلين جي چين ۽ شيخين ڪريمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سميت جلوه نما ٿيا ۽ منهنجي اک کلي وئي. رُڳو هڪ جهلڪ نظر ايندي ئي اهو **حسين جلوو** نگاهن کان غائب ٿي ويو، ان تي دل يڪدم پرجي آئي ۽ نيڻن منجهان نير جاري ٿي ويا. ايتري تائين جو روئندي روئندي آءُ سڏڪن ۾ پئجي ويس اي ڪاش!

اتنی دیر تک ہو دیدِ مُصحف عارِض نصیب
حفظ کرلوں ناظرہ پڑھ پڑھ کے قرآنِ جمال

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ان کان پوءِ منهنجي دل ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي محبت ويتر وڌي وئي بلڪ مان **دعوتِ اسلامي** جو ئي ٿي ڪري رهجي ويس. گهر مان ترڪيب ٺاهي ڪري مون بابُ المدينه ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ **درسِ نظامي** ڪرڻ جي لاءِ جامعة المدينه ۾ داخلا ورتي. هي بيان ڏيڻ وقت درجه اوليٰ ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي طور تي هڪ ذيلي حلقي جي **قافله ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي ديني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

جلوہ یار کی آرزو ہے اگر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
میٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر، مَدَنی ماحول میں کرلو تُم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص239)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام اعظم، امام شافعي ۽ صاحبين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا قول

حضرتِ امامِ اعظم ابو حنيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان انهيءَ جي باري ۾ ٻہ قول منقول آهن.

(1) ليلة القدر رمضان المبارڪ ۾ ئي آهي پر ڪا رات مقرر ناهي.
(2) امامِ اعظم **ابوحنيفه** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ مشهور قول هي آهي تہ ليلة القدر پورو سال گھمندي رهندي آهي ڪڏهن ماهِ رمضان المبارڪ ۾ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ٻين مهينن ۾ اهو ئي قول حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابن عباس، حضرتِ سيّدُنا ابنِ مسعود ۽ حضرت عڪرمه رَضِيَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِيْن کان بہ منقول آهي.
(عمدة القاري ج 8 ص 253 تحت الحديث 215)

**سيّدُنا امام** شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ويجهو "شبِ قدر" رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ آهي ۽ ان جو ڏينهن مقرر آهي ان ۾ قيامت تائين تبديلي نہ ٿيندي. (عمدة القاري ج 8 ص 253 حديث 2015)

(صاحبين يعني) امام ابو يوسف ۽ امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهُمَا جي ويجهو ليلة القدر رمضان المبارڪ ئي ۾ آهي پر ڪا رات مقرر ناهي. ۽ هنن جوهڪ قول هي آهي تہ رمضان المبارڪ جي آخري پندرنهن راتين ۾ ليلةالقدر هوندي آهي. (عمدةالقارى 253/8، تحت الحديث:215)

## شبِ قدر بدلجندي رهندي آهي

**امام مالڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ويجهو **شبِ قدر** رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ هوندي آهي پر ان جي لاءِ ڪا رات مخصوص ناهي. هر سال انهن اڪي راتين ۾ ڦرندي رهندي آهي.

يعني ڪڏهن ايڪويهين رات ليلةالقدر ٿي ويندي آهي ته ڪڏهن ٽيويهين، ڪڏهن پنجويهين، ته ڪڏهن ستاويهين ۽ ڪڏهن ڪڏهن اٺٽيهين رات به شبِ قدر ٿي ويندي آهي. (عمدةالقاری،335/1)

## شيخ ابوالحسن شازلي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه ۽ شبِ قدر

سلسلي قادريه شازليه جا عظيم پيشوا حضرت شيخ ابوالحسن شازلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”جڏهن به آچر يا اربع جو پهريون روزو ٿيو ته اٺٽيهين رات، جيڪڏهن سومر جو پهريون روزو ٿيو ته ايڪويهين رات، جيڪڏهن پهريون روزو اڱاري يا جمعي جو ٿيو ته ستاويهين رات جيڪڏهن پهريون روزو خميس جو ٿيو ته پنجويهين رات ۽ جيڪڏهن پهريون روزو ڇنڇر جو ٿيو ته مون ٽيويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماٺيو.“ (تفسير صاوی،2400/6)

## ستاويهين رات شبِ قدر

**جيتوڻيڪ** بزرگانِ دين ۽ مفسرين و محدثين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ اَجْمَعِيْن جو شبِ قدر جي تَعيُّن ۾ اختلاف آهي، بهرحال اڪثريت جي راءِ اها ئي آهي ته هر سال **شبِ قدر** ماهِ رمضان المبارڪ جي **ستاويهين رات** جو ئي ٿيندي آهي.

**سيد الانصار، سيّدالقراء، حضرتِ** اُبَيِّ بْنِ ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي نزديڪ رمضان **جي ستاويهين رات** ئي ”شبِ قدر“ آهي.

(مسلم، ص383،حديث:762)

**حضرتِ** شاهه عبدالعزيز مُحَدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به فرمائن ٿا ته **شبِ قدر** رمضان شريف جي **ستاويهين رات** جو ئي ٿيندي آهي.

پنهنجي بيان جي تائيد جي لاءِ انهن به دليل بيان فرمايا آهن، (1) ”ليلة القدر“ لفظ ۾ نَوَ اکر آهن ۽ هي ڪلمو **سورةُ القدر** ۾ ٽي ڀيرا استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٽن کي نَوَن سان ضرب ڏيڻ تي حاصل ضرب ”ستاويهه“ اچي ٿو. جيڪو هن ڳالهه جي طرف اشارو ڪري ٿو ته شبِ قدر **ستاويهين** تي ٿيندي آهي. (2) هن سورهءِ مبارڪ ۾ ٽيهه ڪلمات (يعني ٽيهه لفظ) آهن. **ستاويهون ڪلمو** ” **هِيَ**“ آهي جنهن جو مرڪز ”**ليلة القدر**“ آهي. جڏهن **الله** پاڪ جي طرف کان نيڪ ماڻهن جي لاءِ هي اشارو آهي ته رمضان شريف جي **ستاويهين** جو **شبِ قدر** ٿيندي آهي. (تفسير عزيزي ج 3 ص 259 ملخصا)

## جڻ شبّ قدر حاصل ڪري ورتي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ،سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ [1]

ٽي ڀيرا پڙهيو ته ان جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي.

(ابن عساکر، 276/65)

**رضاءِ الٰهي** جا خواهشمندؤ! ٽي سڳهي ته سڄو سال ئي روزانو رات ۾ خاص اهتمام سان ڪجهه نه ڪجهه نيڪ عمل ضرور ڪري ڇڏڻ گهرجي، جو نه ڄاڻ ڪڏهن **شبِ قدر** ٿي وڃي. هر رات ۾ به فرض نمازون اينديون آهن. ٻين نمازن سان گڏوگڏ سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي نمازن جي جماعت جو به خوب اهتمام ڪرڻ گهرجي، جو جيڪڏهن

---

[1] خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله تعاليٰ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.

**شبِ قدر** ۾ انهن ٻنهي جي جماعت نصيب ٿي وئي ته ان شآءالله! ٻيڙو ئي پار آهي. بلڪ اهڙيءَ طرح پنجن نمازن سان گڏوگڏ روزانو عشاء ۽ فجر جي جماعت جي به خصوصيّت سان عادت بڻائي ڇڏيو. به فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪيو: (1) جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي. ان ڄڻ اڌ رات قيام ڪيو ۽ جنهن فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي ان ڄڻ پوري رات قيام ڪيو.“ (صحيح مسلم ص 329حديث 656) (2) ”جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي تحقيق اُن ليلة القدر مان پنهنجو حصو حاصل ڪيو.“ (معجَم ڪبير،179/8،حديث:7745)

الله جي رحمت جي تلاش ڪندڙئو! جيڪڏهن سڄو سال اهائي جماعت جي عادت رهي ته شبِ قدر ۾ به هنن ٻنهي نمازن جي جماعت ان شاءالله نصيب ٿيندي ويندي سڄي رات سمهي رهڻ جي باوجود روزاني جيان شب قدر ۾ به ڄڻ سڄي رات جي عبادت ڪرڻ وارن شمار ٿيندؤ.

## شبِ قدر جي دعا

**اُمُّ الْمُؤمِنِين** حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: مون بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو، ”يارسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مون کي **شبِ قدر** جو علم ٿي وڃي ته ڇا پڙهان؟“ فرمايائون: ”هن طرح دعا گهرو: اَللّٰهُمَّ اِنَّکَ عَفُوٌّ کَرِيۡمٌ تُحِبُّ الۡعَفۡوَ فَاعۡفُ عَنِّي يعني: اي **الله پاڪ** بيشڪ تون مُعاف فرمائڻ وارو آهين ۽ مُعافي ڏيڻ کي پسند به ڪندو آهين تنهنڪري مون کي به مُعاف فرماءِ.

(جامع ترمذي ج 5 ص 306 حديث 3524)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪاش! اسان روزانو رات جو اها دعا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ئي پڙهي ونو ته ڪڏهن ته شب قدر نصيب ٿي ويندي. ۽ ستاويهين جي رات ته اها دعا باربار پڙهڻ گهرجي.

## شبِ قدر جا نوافل

**حضرتِ** اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "تفسيرِ رُوْحُ الْبَيان" ۾ هي روايت نقل ڪن ٿا، جيڪو **شبِ قدر** ۾ سچي نيّت سان نوافل پڙهندو. ان جا اڳيان پويان گناهه مُعاف ٿي ويندا. (روح البيان ج 10 ص 480)

**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن رمضان المبارڪ جا **آخري ڏهه ڏينهن** ايندا هئا ته عبادت لاءِ تيار ٿي ويندا هئا انهن ۾ راتين جو جاڳندا هئا ۽ پنهنجي اهل (يعني گهرياتين) کي جاڳائيندا هئا.

(ابن ماجه ج 2 ص 357 حديث 1768)

**حضرتِ** اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا ته **بزرگانِ دين** رَحِمَهُمُ الله هن ڏهاڪي جي هر رات ۾ ٻه رڪعتون نفل **شبِ قدر** جي نيّت سان پڙهندا هئا پڻ ڪجهه بزرگن کان منقول آهي ته جيڪو **هر رات ڏهه آيتون** ان نِيَّت سان پڙهي وٺي ته ان جي برڪت ۽ ثواب کان محروم نه ٿيندو

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** يقيني طور تي هيءَ رات برڪتن جو سرچشمو آهي جيئن ته حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: توهان وٽ هڪ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. جيڪو شخص هن رات کان محروم رهجي ويو، اهو

مڪمل پلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ پر **اهو شخص** پلائي کان محروم ناهي رهندو پر اصلي محروم. (مشڪوٰة ج1 ص 372 حديث 1964)

**اي اسان جا پيارا پيارا الله پاڪ** پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گناهگارن کي ليلة القدر جي برڪتن سان مالا مال ڪر ۽ وڌ کان وڌ پنهنجي عبادت جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لَيْلَةُ القَدْر میں مَطْلَعِ الْفَجْرِ حق
مانگ کی استقامت پہ لاکھوں سلام
(حدائقِ بخشش، ص 299)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net